ألا إن أولياء الله لا خوف عليهم ولا هم يحزنون

خبردار! بيشڪ الله جي دوستن کي نه ڪي خوف آهي نه ڏک

قصيدهٔ غوثيه

مُترجم سنڌي

از تبرڪات غوث الثقلين سيّدنا

عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه

مُترجم

محمد عزيز الله الحبوي. لاڙڪاڻو

شعبهٔ نشر و اشاعت مدرسهٔ مرتضىٰ شاه جيلاني لاڙڪاڻو

ملنے کا پتا مکتبہ قادریہ جامعہ نظامیہ رضویہ

نالوكتاب: قصيده غوثيه

مصنف: سيّد نا غوث اعظم رحمة الله عليه

مترجم: محمد عزيز الله الحبوي

مطبع:

كتابت: حسن قلم سكر

ناشر: انجمن مدرسه مرتضىٰ شاه جيلاني. لاڙكاڻو

باراول: تعداد: هڪ هزار

تاريخ اشاعت:

هديه: دعاءِ خير بحق معاونين

انجمن مدرسه مرتضىٰ شاه جيلاني. لاڙكاڻو

زير نگراني

حضرت پير روشن ضمير سيد الحاج محمد شاه صاحب جيلاني

زيب سجاد، درگاه عاليه قادريه گمبت شريف. خيرپور ميرس

بسمِ اللهِ الرّحمٰنِ الرّحيمْ
نحمدهٗ و نصلي علىٰ رسوله الكريمْ

پيش لفظ

حضرت غوث الثقلين قطب الاقطاب سيدنا شيخ عبد القادر جيلاني رحمة الله عليه جي ملفوظات مان هي قصيده غوثيه به آهي.

هن قصيده جو هڪ هڪ شعر مطلع فتوحات ۽ منبع اسرار الاهي آهي- ۽ هيءَ ڳالهه به بعيد نه آهي ته هن قصيده جو ورد ڪندڙ دنيا ۽ آخرت جي مشڪلات کان محفوظ نه رهي بلڪ جنهن به اخلاص ۽ محبت سان پڙهيو آهي اهو پنهنجي مقاصد ۾ ڪامياب آهي.

جن ماڻهن جو فڪر صرف ظاهري دلائل تي منحصر آهي ۽ روحاني تصرفات ۽ حقائق کان بي بصر آهن، اهي هن قصيده جي معاني ۽ مطالب تي اعتراض ڪندا آهن- درحقيقت بحر معرفت جي غوّاص لاءِ اهي معاني روز روشن جان بين ۽ ظاهر آهن.

ازانسواءِ ڪلام جي پرڪشش جهلڪ، نوراني تاثير خود ان جي حقانيت ۽ صداقت جا قوي گواه آهن.

ڪيترن ئي وڏن بزرگن جي عمل ۾ رهڻ جي ڪري هر دور ۾ ان جي مقبوليت نت نئين ٿيندي آئي آهي- ايتري قدر جو علامه عبد الرحمان جامي مصنف "شرح جامي" ۽ حضرت عبد الحق محدث دهلوي جهڙا اعلىٰ پايه

جا عالم عارف خود هن قصيده کي پڙهندا ۽ پڙهائيندا ويا.

پڙهڻ جو طريقو

قصيده جي پڙهڻ پنهنجي مرشد ڪامل کان اجازت وٺڻ ضروري آهي ۽ ان لاءِ ضروري شرائط هي آهن بدن پاڪ، لباس پاڪ، با وضو ٿي ۽ اڳ ۾ هي درود شريف پڙهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ مَّعْدَنِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ وَمَنْبَعِ الْعِلْمِ وَالْحِلْمِ وَالْحِكَمِ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ.

هن وظيفي پڙهڻ سان ديني ۽ دنيوي مقاصد جلد حل ٿي وڃن ٿا.

حضرت غوث اعظم رحمة الله عليه

نالو مبارڪ: عبدالقادر

والد جو نالو: ابو صالح (جنگي دوست)

والده جو اسم مبارڪ: فاطمه ڪنيت ام الخير

تاريخ ولادت: سنه ۴۷۰ھ ۾ جيلان ڳوٺ ۾ ٿي جنهن ڪري ڪين جيلاني ڪوٺيو ويندو آهي.

تعليم

شروعاتي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ورتي. تنهن کان پوءِ ابو سعيد المخزومي (جيڪو بغداد ۾ مجتهد عصر هيو) ابوبڪر احمد بن المظفر بن سوس جهڙن فاضلن کان ورتي ۽ حضرت حمّاد الدّباس جي صحبت کان مستفيض ٿيا. ۵۲۱ھ ۾ مجلس تلقين منعقد

تي ۽ چشمهٔ معرفت ۽ هدايت سان دنيا کي سيراب ڪيو، جڏهن سندن جي استاذ ابو سعيد المخزومي انتقال ڪيو ته پاڻ ان جي جاءِ تي ٥٢٨ ھ مسند تدريس تي فائز ٿيو.

اخلاق ۽ عادات

پاڻ نهايت نوڙت ڪندڙ. سخي، عالمن ۽ طالبن کي دوست رکندڙ، ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول بردبار رات جو زهد ۽ عبادت ڪندڙ. مستجاب الدعوات، واعدي جا سچا، شريعت جا پابند، خدا جي خوف کان گهڻو روئندڙ، دين جا مددگار، هٿ سان ڪمائي ڪري گذر ڪندا هئا.

وفات

ڇنڇر رات ١٠ ربيع الثاني ٥٦١ هجري ۾ بغداد ۾ ٿي، سندن فيض تا قيامت جاري آهي.

انجمن مدرسه مرتضىٰ شاه جيلاني لاڙڪاڻو

اها انجمن آهي جنهن جي سرپرستي حضرت پير روشن ضمير الحاج سيد محمد شاه صاحب جيلاني دامت برڪاتهم العاليه، سجاده نشين درگاه گمبٽ شريف خيرپور ميرس ڪري رهيا آهن. هن انجمن جو بنياد حضرت مرشد غوث دوران الحاج سيد غلام مرتضىٰ شاه جيلاني رحمة الله عليه (گمبٽ شريف) جي دعا سان اڄ کان تقريباً ١٧ سال اڳ وڌو ويو هو.

هي انجمن ضلع لاڙڪاڻي جي واحد انجمن آهي. جنهن دين جي آبياري لاءِ هڪ عظيم الشان مدرسه نالي "مدرسه مرتضىٰ شاه جيلاني لاڙڪاڻو"

قائم ڪيو ـ جنهن ۾ هنيئر ٽي مدرس:

١: حضرت مولانا نثار احمد صاحب

٢: مولانا عبدالڪريم صاحب عباسي

٣: حافظ احمد علي صاحب پڙهائي رهيا آهن.

انجمن جي موجوده صدر جناب الحاج حسين بخش صاحب شيخ جي ۽ ٻين مخلص اراڪين جي مسلسل محنت جو نتيجو آهي جو انجمن دين جي خدمت لاءِ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ نشر و اشاعت جو ڪم پڻ شروع ڪيو آهي ـ جنهن جو پهريون اشاعت نمبر "قصيده غوثيه" آهي. الله تعالیٰ هن انجمن کي ۽ ان جي معاونين کي مزيد دين متين جي خدمت جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

الفقير

محمد عزيز الله الحبوي

ڊسٽرڪٽ خطيب اوقاف ضلع لاڙڪاڻو

٢٥ ـ شعبان ١٣٩٩ھ

بسم الله الرحمن الرحيم

از تبرکات حضور سيّدنا الشيخ،
غوث اعظم محي الدين عبدالقادر جيلاني
حسني حسيني بغدادي رضي الله عنهٗ

سَقَانِی الْحُبُّ كَاسَاتِ الْوِصَالِ

محبت مون کي وصل دلبر جو شراب پياريو

فَقُلْتُ لِخَمْرَتِیْ نَحْوِیْ تَعَالِیْ

پوءِ مون پنهنجي شراب کي چيو. تون مون ڏي اچ

سَعَتْ وَمَشَتْ لِنَحْوِیْ فِیْ كُئُوسٍ

ڊڪندو آيو مون ڏي پيالن ۾ ڀريل.

فَهِمْتُ بِسُكْرَتِیْ بَيْنَ الْمَوَالِیْ

منهنجي مستي دوستن ۾ اثر ڪري ويئي.

فَقُلتُ لِسائِرِ الاَقطابِ لُمُّوا

پوءِ سڀني قطبن کي چيم سڀ اچو

بِحالِي وَادخُلُوا اَنتُم رِجالِي

جلد (اچي) ۽ منهنجي مريدن ۾ داخل ٿيو

وَهُمُّوا وَاشرَبُوا اَنتُم جُنُودِي

۽ همت ڪيو ۽ پيو توهان سڀ منهنجو لشڪر آهيو

فَساقِي القَومِ بِالوَافِي مَلَالِي

قوم جو ساقي مون کي ڀري ڀري ڏئي رهيو آهي.

شَرِبتُم فَضلَتِي مِن بَعدِ سُكرِي

منهنجي مست ٿيڻ کان پوءِ توهان منهنجي بچت پيتي

وَلَا نِلتُم عُلُوِّي وَاتِّصَالِي

منهنجي بلند شان جي قريب توهان ڪٿي ٿا پهچي سگهو

مَقَامُكُمُ الْعُلٰى جَمْعًا وَّلٰكِنْ

ان ڳالهہ ۾ شڪ نہ آهي توهان سڀني جو مرتبو مٿي آهي پر

مَقَامِىْ فَوْقَكُمْ مَازَالَ عَالِىْ

منهنجو توهان سڀني کان مٿي آهي۔ مرتبو هميشہ

اَنَا فِىْ حَضْرَةِ التَّقْرِيْبِ وَحْدِىْ

مان قرب الاهيءَ ۾ اڪيلو آهيان

يُصَرِّفُنِىْ وَحَسْبِىْ ذُوالْجَلَالِ

مون کي ترقي تو ڏئي ۽ منهنجو ذوالجلال مون کي ڪافي آهي۔

اَنَا الْبَازِىُّ اَشْهَبُ كُلِّ شَيْخٍ

مان باز سڀني شيخن کان بلند پرواز آهيان۔

فَمَنْ ذَا فِى الرِّجَالِ اُعْطِىْ مِثَالِىْ

۽ مردن مان ڪنهن کي؟ مون وانگر ڏنو ويو

كَسَانِي خِلْعَةً بِطِرَازِ عَزْمٍ

مون کي عالي همت جي گلن ۾ ريل چادر پهرايائين.

وَتَوَّجَنِي بِتِيجَانِ الْكَمَالِ

۽ (منهنجي سر تي) ڪماليت جو تاج رکيائين.

وَاَطْلَعَنِي عَلٰى سِرٍّ قَدِيمٍ

۽ مون کي پنهنجي پراڻي راز جو رازدار ڪيو.

وَقَلَّدَنِي وَاَعْطَانِي سُؤَالِي

۽ عزت جو هار پهرايو ۽ هر گهريل شيءِ ڏني آهي.

وَوَلَّانِي عَلَى الْاَقْطَابِ جَمْعًا

۽ والي (حاڪم) بنايو مون کي سڀني قطبن تي.

فَحُكْمِي نَافِذٌ فِي كُلِّ حَالِ

ساري مخلوق تي هر وقت منهنجو آرڊر هلي ٿو.

وَلَوْ اَلْقَيْتُ سِرِّیْ فِیْ بِحَارٍ

مون پنهنجو (مخفي) راز جيڪڏهن درياهن سان ڪيان.

لَصَارَ الْكُلُّ غَوْرًا فِی الزَّوَالِ

تمامي درياه سڪي وڃن ۽ زوال ۾ اچي وڃن.

وَلَوْ اَلْقَيْتُ سِرِّیْ فِیْ جِبَالٍ

۽ جيڪڏهن پنهنجو راز جبلن تي ظاهر ڪيان

لَدُكَّتْ وَاخْتَفَتْ بَيْنَ الرِّمَالِ

پرزه پرزه ٿي ۽ واريءَ ۾ دڪي وڃن.

وَلَوْ اَلْقَيْتُ سِرِّیْ فَوْقَ نَارٍ

۽ جيڪڏهن پنهنجو راز باه سان ڪيان ته

لَخَمَدَتْ وَانْطَفَتْ مِنْ سِرِّحَالِیْ

انهيءَ راز جي ڪري يڪدم سڙي ٻري وڃي ۽ وسي وڃي

وَلَوْ اَلْقَيْتُ سِرِّیْ فَوْقَ مَيْتٍ

۽ جيڪڏهن پنهنجو راز مئل تي ظاهر ڪيان

لَقَامَ بِقُدْرَةِ الْمَوْلٰى تَعَالِىْ

ته ضرور رب العالمين جي قدرت سان اٿي پوي

وَمَامِنْهَا شُهُوْرٌ اَوْ دُهُوْرٌ

ڪوبه مهينو يا زمانو

تَمُرُّ وَتَنْقَضِىْ اِلَّا اَتَالِىْ

تيستائين نه ٿو پورو ٿئي جيستائين مون کان اچي اجازت وٺي

وَتُخْبِرُنِىْ بِمَا يَأْتِىْ وَيَجْرِىْ

۽ (زمانو) جيڪي ڪجهه ٿي گذرندو سڀ جي خبر ڏئي ٿو

وَتُعْلِمُنِىْ فَاَقْصِرْ عَنْ جِدَالِىْ

۽ سڀ مون کي خبر ڏئي ٿو ان ڪري ڏيکڻ کي ڇڏ

مُرِيْدِيْ هِمْ وَطِبْ وَاشْطَحْ وَغَنِّ

دل جاءِ ڪر، خوش رھ منھنجا مريد توکي ڇا پرواھ

وَافْعَلْ مَا تَشَا فَالْاِسْمُ عَالِ

۽ جيڪي بہ (الله خاطر ڪرين) پوءِ منھنجو اسم عالي آھي

مُرِيْدِيْ لَا تَخَفْ اَللّٰهُ رَبِّيْ

منھنجا مريد نہ ڊڄ، الله منھنجو رب آھي.

عَطَانِيْ رِفْعَةً نِلْتُ الْمُنٰى لِيْ

جنھن مون کي بلندي ڏني ۽ مون عزت کي پھتس

طُبُوْلِيْ فِي السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ دُقَّتْ

آسمان ۽ زمين ۾ منھنجا نقارہ وڄن ٿا.

وَشَاءُوْسُ السَّعَادَةِ قَدْ بَدَا لِيْ

نشان نيڪ بختي ۽ جا منھنجي آڏو ظاھر ٿيا.

بِلَادُ اللهِ مُلْكِي تَحْتَ حُكْمِي

الله جا ملڪ منهنجا ملڪ آهن منهنجي حڪم ۾ آهن

وَوَقْتِي قَبْلَ قَلْبِي قَدْ صَفَا لِي

منهنجي وقت کي منهنجي دل کان اڳ صفا ڪري ڇڏيو

نَظَرْتُ اِلٰى بِلَادِ اللهِ جَمْعًا

(مشرق کان مغرب تا) سڀ الله جا ملڪ مون ڏٺا آهن

كَخَرْدَلَةٍ عَلٰى حُكْمِ اتِّصَالِ

سرهن جي برابر آهن. جيڪو ٽري تي هجي

دَرَسْتُ الْعِلْمَ حَتّٰى صِرْتُ قُطْبًا

علم (طريقة) پڙهيم تانجو قطب زمان ٿيم.

وَنِلْتُ السَّعْدَ مِنْ مَّوْلَى الْمَوَالِي

مون کي مولىٰ پنهنجي سعادت تي پهچايو آهي.

رِجَالِي فِي هَوَاجِرِهِم صِيَامُ

منهنجا طالب گرمين ۾ هميشه روزا رکن ٿا

وَفِي ظُلَمِ اللَّيَالِي كَالْأُلِي

۽ اوندا هين راتين ۾ موتيءَ جان چمڪندڙ آهن

وَكُلُّ وَلِيٍّ لَهُ قَدَمٌ وَّإِنِّي

۽ هر هڪ وليءَ پنهنجي چال تي هلي ٿو

عَلَى قَدَمِ النَّبِي بَدْرِ الْكَمَالِ

۽ منهنجو طريقو بيشڪ فقط خير البشر آهي

مُرِيدِي لَا تَخَفْ وَاشٍ فَإِنِّي

منهنجا مريد مخالف کان هرگز نه ڊڄ

عَزُومٌ قَاتِلٌ عِنْدَ الْقِتَالِ

(چوٿو) مان مضبوط بهادر آهيان جنگ وقت

أَنَا الجِيلِيُّ مُحِيُّ الدِّيْنِ اِسْمِيْ

منهنجو گوث جيلان ۽ محي الدين چوندا آهن

وَاَعْلَامِيْ عَلٰى رَأْسِ الجِبَالِ

۽ منهنجا جهنڊا جبلن جي چوٽين تي آهن

اَنَا الحَسَنِيُّ وَالمُخْدَعُ مَقَامِيْ

مان اولاد حسن مان آهيان مُخْدَعُ منهنجي جاءِ آهي

وَاَقْدَامِيْ عَلٰى عُنُقِ الرِّجَالِ

۽ منهنجو قدم سڀني ولين مٿان آهي

وَعَبْدُ القَادِرِ المَشْهُوْرُ اِسْمِيْ

۽ منهنجو مشهور نالو عبد القادر آهي

وَجَدِّيْ صَاحِبُ العَيْنِ الكَمَالِ

۽ منهنجو نالو وڏي ڪمال وارو آهي